ڊاڪٽر عابده گھانگھرو

# مُرلي ڌَر جي شاعريءَ جو تنقيدي اڀياس

# A CRITICAL REVIEW OF POETRY OF MURLI DHAR

**Abstract**

Dr. Murli Dhar is one of the modern Sindhi poets and literary personalities. His poetry as well as prose are different in subject from other writers, which seem as an evidence of new trends in Sindhi literature. By profession, Dr. Murli is a professor of surgery in Urology. Thus he highlights health issues of ailing humans with his pen. He specially focuses on poverty lack of awareness about health facilities and other social issues.

Dr. Murli is a trendsetter in his social life too. He believes that old-customs and rituals Specially Dowry etc. which create a hindrance to the progress of any society must be stopped, and everyone should start prohibiting them starting from their own homes. He did so and set an example of himself when, on the eve of his marriage, he refused to accept dowry from his in-laws (who were also a renowned literary family of Mr. Wali Ram Walabh). His spouse, Dr. Pushpa Walabh is also a renowned poetess and she is of the same opinion too. They put the same demands of dowry refusal in-front of the in-laws of their son.

In this paper I have focused upon Murli Dhar's literary contribution, specially on poetry, and also touched upon his contribution to the society.

هِن ٿهيءَ جي ليکڪن، اديبن ۽ شاعرن جي وچ ۾ مرلي ڌر جو نالو نثر توڙي شاعري ءَ ۾ سندس منفرد موضوعن جي ڪري هڪ جدا حيثيت رکي ٿو. مرلي ڌر پيشي جي لحاظ کان هڪ ڊاڪٽر آهي. ان ڪري سندس لکڻين ۾ مسيحائي جهلڪندي نظر اچي ٿي. ماضيءَ ۾ ڪابيءَ ڌر سان لاڳاپيل رهڻ ڪري سندس قلم ۾ هڪ اهڙو جنون آهي، جو هو تمام مختصر لفظن ۾ دهشتگردي، مذهبي انتهاپسنديءَ ۽ طبقاتي فرق خلاف ڀرپور مزاحمت به ڪري ٿو ته وري سماجي جاڳرتا ۽ بهتر کان بهتر ڏانهن وک وڌائڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ لاءِ اتساهي به ٿو. مفلس، لاچار ۽ بيمار ماڻهن جي مسئلن تي سندس قلم ڳوڙها به ڳاڙي ٿو ته کين دلاسا به ڏئي ٿو. غير انساني ۽

سفاڪ روين تي سندس قلم جي ڇهنب تلوارن سان مهاڏا ٿي اٽڪائي.
سنڌ جو ڪوبہ اهڙو ادبي توڙي غير ادبي ماڻهو ڊاڪٽر مرليءَ کان اڻ واقف نہ هوندو جنهن جو واسطو بڪين (گُردن) جي ڪنهن اهنج سان پيو هجي. سول اسپتال ڪراچيءَ جي وڏي مک دروزاي جي کاٻي هٿ کان سپ کان پهرين بلڊنگ 14 نمبر اوپي ڊيءَ ۾ هزارين مريضن جي اکين ۾ ان وقت روشني پرجي ويندي آهي، جڏهن هو مختلف بيمارن جي سوالن جا جواب ڏيندڙ ۽ هر مريض کي ڏاڍي پيار ۽ مان پرئي انداز ۾ سندن مسئلن بابت سمجهاڻين ڏيندڙ ڊاڪٽر مرلي ڌر کي سامهون ايندي ڏسندا آهن. ساڳيءَ طرح ڊاڪٽر مرلي ڌر پڻ سول اسپتال جي هڪ گيٽ واري اوپي ڊيءَ، ٻئي دروازي تي ايمرجنسيءَ ۾ اسپتال کان ٻاهر ٺهيل SIUT بلاڪ ۾ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا چڪر ڏيندي ڪڏهن بہ ڪنهن مريض توڙي سندس تيماردارن کي مايوس/نااميد نہ ڪيو هوندو، بلڪ ڏاڍي مخلص انداز ۾ سندن مسئلا ٻڌندو ڇڻ تہ اهي سندس ئي خاندان جا ڪي فرد هجن ۽ ڪنهن کي بہ اهو محسوس نہ ٿيڻ ڏيندو تہ هوپاڻ ڪيترو ٿڪيل يا تڪليف ۾ آهي. جڏهن تہ ساڳئي ئي اداري ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترائي ڊاڪٽر ۽ ٻئي عملي وارا ماڻهن کي ڇڙٻيندي ۽ Misguide ڪندي بہ نظر ايندا پر مرلي ڌر جي اها فطرت سندس اندر واري ان انسان جي آهي، جيڪو پنهنجي ديس جي ماڻهن جي هر تڪليف کي پنهنجو سور سمجهي هر وقت جُهرندو رهي ٿو. ان جو سبب سندس موجوده پيشو نہ پر ٻالجتيءَ کان وٺي اهو تربيتي ماحول آهي جيڪو هن پنهنجي گهر ۾ ڏٺو ۽ جنهن ۾ هن جي اها هڏ ڏوکائپ واري فطرت پروان چڙهي. مرلي ڌر جو ڏاڏو وشنداس چاڻڊيا ۽ سندس والد رامچند چاڻڊيا سماجي ڪارڪن هئا. سندن تنظيم هيومن ويلفيئر ايسوسيئيشن تحت هڪ هنري شالا هلندڙ هئي، جنهن ۾ نياڻين کي مفت هنري سکيا ڏني ويندي هئي. هڪ ڪلينڪ جنهن ۾ ماڻهن جو مفت علاج ٿيندو هو ۽ ان کان سواءِ هو بيواهہ عورتن کي گهرن ۾ پاپڙن وغيره جو سامان ڏيندا هئا، جنهن مان اهي گهر ۾ ويهي روزگار ڪمائيندڙيون هيون. ان کانسواءِ سندن تنظيم پاران مختلف سماجي براين جهڙوڪ ڏاج ڏيڻ واري رسم وغيرهہ خلاف جدوجهد پڻ شامل هئي. اِهو هو مرلي ڌر جي ننڍپڻ جو ماحول جنهن ۾ سندس شعوري تربيت ٿي. ان متعلق هو پنهنجي ڪتاب ”اڪڙيون ڏيلا من گهايل ۾ لکي ٿو تہ: ”منهنجو ڏاڏو ان سلسلي ۾ مضمون مون کان لکرائيندو هو. ان طرح مان لکڻ پڙهڻ ڏانهن راغب ٿيس ۽ سماجي ڪمن جي سکيا ملي ۽ غريبن سان همدرديءَ جو سبق سکيم. ان زماني ۾ ڏاج واري رسم خلاف تقريرون ڪندو هيس ۽ ان خلاف مضمون بہ لکندو هيس.“ (ص: 19) سندن ڏاج خلاف اها مهم رڳو عوامي شعور ڦهلائڻ تائين محدود نہ رهي. بلڪ مرلي ڌر پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ بہ ان رسم کي ننديندي ڊاڪٽر پشپا ولپ سان شاديءَ مهل پنهنجي سهري ۽ سنڌ جي برک

ليڪ وليرام ولڀ جي آڏو صرف هڪ شرط رکيو ته هو ڊاڪٽر پشپا کي ڪوبه ڏاج نه ڏيندا.“ ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو. ڊاڪٽر مرلي هڪ انتهائي سادگيءَ واري زندگي گذاريندڙ آهي. ڊاڪٽر پشپا سان نئين زندگي شروع ڪرڻ وقت کين ڪوڙ ڏکيائيون پڻ آڏو آيون. جيڪي ڏاج ملڻ جي صورت ۾ پيدا ئي نه پيون ٿي سگهن پر هنن ٻنهي گڏجي انهن مشڪلاتن کي پيار ۽ محبت جي ڇانوَ ۾ برداشت ڪيو. ڪيترن ئي سالن تائين بنا سهوليتن واري گهر ۾ رهيا پر عملي طور ثابت ڪيائون ته ڪڏهن رسمن جي ننڊا تڪليفن ڀريل زندگي گذارڻ کان وڌيڪ اتم آهي. رڳو ايتروئي نه بلڪ تازو پنهنجي پٽ جي شاديءَ لاءِ به سندس ساهرن آڏو سندن ساڳيو عمل رهيو ته کين ڏاج جي صورت ۾ ڪجهه به نه گهرجي. پنهنجي ان عمل سان هڪ پاسي هو سرنديءَ وارن کي اهڙين روايتن کي ختم ڪرڻ لاءِ اتساهين ٿا ته ٻئي پاسي سندن مقصد اهڙا مثال قائم ڪري غريب خاندانن جي ڇوڪرين جي رشتن لاءِ راهه هموار ڪرڻ آهي، جن جون مٿيون گهربل ڏاج نه هجڻ سبب يا ته ٿين ئي نه ٿيون ۽ جي ٿين ٿيون ته ٽُٽي وڃن ٿيون. وري جيڪڏهن برقرار رهن به ٿيون ته نياڻيون ڏاج جي سامان پوري نه هجڻ جا طعنا سڄي زندگي برداشت ڪنديون رهن ٿيون. ڪٿي ته وري مختلف بهانن سان مورڳو سندن زندگيون ئي ختم ڪيون وڃن ٿيون. چلهي ڦاٽڻ باهه لڳڻ يا ڇت تان ڪرڻ وغيره جهڙن ڪيترن ئي واقعن جي پسمنظر ۾ وڏو سبب ڏاج ئي هوندو آهي.

مرلي ڏر جو اهو يقين آهي ته جيڪڏهن سماج کي سجاڳ ڪرڻو آهي ۽ کين ڪا بهتريءَ جي روشني ڏيکارڻي آهي ته پنهنجي پاڻ کي مشعل بڻجڻو پوندو. تڏهن ته چوي ٿو ته:

**ڪو اهڙو گيت لکان**

ڪا اهڙي جنگ جوتيان،
ڪو اهڙو ساز سوريان،
ڪا اهڙي مشعل ٻيان،
ڪري روشن جڳ وچان.

*(اڪٽريون ڏيلامن گهايل-ص:76)*

اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ديس جي ماڻهن جا سور سلي پنهنجي وس ۽ وت آهر سندن ڏکن گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. سندن سور ٻيءَ دنيا کي به ٻڌائي ٿو ته جيئن ماڻهو پاڻ وهيڻا ٿي پنهنجي وس ۽ وت آهر مسئلن کي پاڻ به منهن ڏين ته وس وارن تائين به سندن آواز پهچي سگهي. ان لاءِ هو ”ٽين دنيا جا سور“ لکي ٿو. سندس اهو ڪتاب مختلف اخبارن جهڙوڪ: عوامي آواز، ڪاوش وغيره ۾ صحت بابت شايع ٿيل مضمونن جو مجموعو آهي. ڪتاب جي نالي واري مضمون ”ٽين دنيا جا

سور“ تي اي پي اين ايس (APNS) ڪيس ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي، جيڪو ڊاڪٽر صاحب کي 15هين جون 2018ع تي ڏنو ويندو. مرلي ڌر جي ان ڪتاب ۾ ماڻهن جي معاشي ۽ سماجي مسئلن سان گڏوگڏ رياست پاران عوام لاءِ ملندڙ سهولتن جي اڻاٺ جو ذڪر به آهي ته انهن سمورن مسئلن جي ڪري ماڻهو جن بيمارين جا عذاب ڀوڳين ٿا، انهن بيمارين متعلق صلاحون ۽ مشورا پڻ شامل آهن. مرلي ڌر جي مسئلن ۾، هڪ پاسي غربت وگهي مهانگن علاجن تائين پهچ نه هئڻ ڪري انساني زندگيءَ جو بي وقعت بڻجي وڃڻ ته ٻئي پاسي ماڻهن ۾ صحت بابت شعور جي فقدان سبب گهَرَجي هڪ پاتيءَ کان وٺي سڄي خاندان تائين بيمارين ۾ وڪوڙيل هجڻ جهڙن مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي. ان سان گڏوگڏ هو سماجي مسئلن جا جديد ۽ عملي ڪارگر حل پڻ ٻڌائي ٿو. جيئن احتجاج جو آسان ترين طريقو هڙتال کي سمجهيو وڃي ٿو. وڏين وڏين سياسي پارٽين کان وٺي ننڍين ننڍين گروپن تائين ننڍي توڙي وڏي مسئلي تي شهر بند ڪرائڻ هڙتال جو بدترين مثال آهي، جنهن سان نه رڳو عوام پريشان ٿئي ٿو بلڪ ملڪي معيشت کي به وڏو ڌڪو رسي ٿو. مرلي ڌر احتجاج لاءِ ٻين کي پريشان ڪرڻ واري ان عمل جي ننڌا ڪري ٿو. ”هڙتال کان بک هڙتال وڌيڪ بهتر آهي ڇو ته ”بک هڙتال“ سان پاڻ کي تڪليف پهچي ٿي پر مريض متاثر ڪونه ٿا ٿين. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن استاد صاحبان پڙهائيءَ جي هڙتال ڇڏي بک هڙتال ڪندا ته شاگردن جي پڙهائيءَ جو نقصان نه ٿيندو... ... سنڌ يا ڪنهن به صوبي لاءِ تعليم ترقيءَ لاءِ ائين آهي جيئن جياپي لاءِ آڪسيجن...“ (ٽين دنيا جا سور. ص:182)

اهڙيءَ طرح هو سماج جي سڄاڻ طبقي جون به اکيون کولي ٿو ۽ ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ ۾ سماجي ڀلائيءَ وارن ڪمن جي اهميت جو احساس پڻ ڏياري ٿو، مفلس ماڻهن کي ڊاڪٽرن جي ڳرين فين ڀرڻ جي سگهه نه سارڻ تي ڊاڪٽرن کي سندن اصلي مسيحائي ڪم جي اهميت جو احساس پڻ ڏياري ٿو. پرائيويٽ ڪلينڪن جو رجحان اينترو وڌي ويو آهي، ليبارٽيون، ايڪسري، الٽراسائونڊ وغيره جڻ ته ڪمرشل مارڪيٽ ٺهي ويا آهن. ڊاڪٽرن پاران ڳريون ڳريون فيون وٺڻ، پرائيويٽ ڪلينڪس هلائڻ لاءِ سرڪاري ڊيوٽي صحيح نه ڪرڻ يا منٿليون ڀري ڊيوٽين تان غائب ٿيڻ، مريضن کي پرائيويٽ ڪلينڪن تي اچڻ لاءِ زور ڀرڻ، ڪمائيءَ خاطر غير ضروري دوائون ڏيڻ ۽ هرو ڀرو سيون هڻڻ وارا عمل ڪنهن به ڊاڪٽر جي (Ethics) اخلاقيات کي متاثر ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ مرلي ڌر لکي ٿو ته:
”ڊاڪٽريءَ جي پڙهائي شروع ڪرڻ کان اڳ ڊاڪٽر هڪ قسم کڻندا آهن، جنهن کي ”هيپوڪريٽڪ اوٿ“ چئبو آهي. ان ۾ اهو به لکيل هوندو آهي ته ڊاڪٽر ٿي مريضن ۽ پنهنجي پيشي سان سچا هونداسين. ان قسم جو ڇا ٿيو، ڊاڪٽريءَ جهڙي

نوبل پيشي کي بہ اسين ڪپڙي ۽ پنسار جي دڪان وانگر هلائڻ لڳا آهيون.“ (ٽين دنيا جا سور-ص: 43)

واضح رهي تہ Hippocratic oath قديم يوناني ٻوليءَ ۾ ٽين کان پنجين صدي قبل مسيح ۾ لکيو ويو هو. ان قسم نامي تي اهو نالو قديم يونان جي عظيم طبي ماهر (فزيشن) هيپوڪريٽس جي نالي پويان آهي، جنهن کي مغربي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ طب جو ابو پڻ مڃيو ويندو آهي.

مرلي ڌر جو ٻيو ڪتاب صحت سيني لاءِ پڻ صحت جي مختلف مسئلن بابت ڄاڻ ڏيڻ واري موضوع تي لکيل آهي، جنهن ۾ 30 مضمون شامل آهن. جن ۾ گردي جي پيوندڪاري، تبديلي، گردي جي سور، علاج جي مختلف طريقن، پيشاب جي مختلف بيمارين، عورتن توڙي، مردن ۾ سنڌپٽي جا سبب ۽ علاج جا مختلف طريقا، ڊينگي، مليريا، هيپاٽائيٽس، ايڊز، ۽ ڪينسر وغيره جهڙين موذي بيمارين جي مسئلن جي نشاندهي ۽ انهن جا آسان حل ۽ تجويزون، تماڪ جي استعمال جا نقصان ۽ ان کان پري رهڻ لاءِ تجويزون، حمل دوران پيچيدگين ڪري وڌندڙ موت جي شرح بابت انگ اکر ۽ ان کان بچاءَ لاءِ تجويز وارا موضوع شامل آهن. اهڙيءَ طرح چئي سگهجي ٿو تہ مرلي ڌر جا مضمون انساني صحت توڙي سماجي صحت لاءِ رهبريءَ وارا آهن. صحت جو شعبو هوندئن تہ عام ماڻهن جي سمجهہ کان ٻاهر آهي، پر ڊاڪٽر مرلي ڌر جي عام فهم ٻوليءَ، اسلوب، لفظن جي چونڊ، ۽ نثراڻين خوبين سان ڀريل مضمون هڪ عام ماڻهوءَ کي صحت جا پيچيدا ۽ بظاهر مشڪل سمجهاويندڙ اصول سمجهائڻ لاءِ ڏاڍا ڪارگر آهن. ان ڪانسواءِصحت جي سماجي مسئلن تي آواز اٿارڻ جو هڪ جوڳو قدم پڻ آهن. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انهن موضوعن جي اهميت ۽ افاديت سمجهندي وڌ کان وڌ پڙهيو وڃي.

نثر ڪانسواءِ مرلي ڌر جي شاعريءَ ۾ پڻ انساني صحت ۽ سماجي صحت وارا موضوع سمايل آهن. جيئن اڳ ۾ بيان ڪري آيا آهيون تہ روشن خيالي ۽ سماجي ڀلائيءَ وارا قدر مرلي ڌر پنهنجي ٻالجتيءَ کان سکيا ۽ اها مثبت سوچ سندس عملي زندگيءَ ۾ بہ پڌري آهي. ڪنهن کان کسي/ ڦري پنهنجي گهرج/ ضرورت پوري ڪرڻ بدران پنهنجي خواهش اٽڪوري اڌوري ڇڏي ٻين جي گهرجن جو پورائو ڪرڻ ۽ مسڪينن جي هڏڏوکي بڻجڻ ۾ سندس يقين آهي. اهو يقين ڪنهن بہ ماڻهو جي اندر ۾ اجتماعي سوچ پيدا ڪري ٿو ۽ اها اجتماعي سوچ روشن خياليءَ جو بنياد آهي.

ان اجتماعي سوچ جي آڌار تي ئي ڪو ماڻهو ٻين جي تڪليفن ۽ گهرجن جي احساس کي سمجهي سگهي ٿو، چوندا آهن اهوئي ماڻهو ٻين جي تڪليفن کي پنهنجو سمجهي سگهندو آهي، جيڪو پاڻ انهن مان گذريو هجي پر مرلي ڌر تہ هڪ سکئي ستابي ماحول ۾ اربيلو ٿي پليو آهي، جنهن کي نہ ڳيپي جي ڳڻتي نہ لباس جو

فڪر. اهڙيءَ حالت ۾ اها اجتماعي سوچ ئي ڪنهن ماڻهوءَ کي پلائيءَ واري ڪم ڏانهن مائل ڪري سگهي ٿي. اهوئي سبب آهي جو مرلي ڏر ڊاڪٽريءَ واري هيپوڪريٽڪ اوٿ تي عمل ڪندي هڪ اهڙي اداري سان لاڳاپيل آهي، جنهن جو مقصد صرف ڏکويل انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي. سندس روح هراُن نئين مريض جي نئين ڪهاڻيءَ تي تڙپي اٿي ٿو جيڪو سماج جو ڪو مظلوم ڪردار آهي. چاهي اهو بکيو مفلس ماڻهو هجي، ڪا معصوم نياڻي، يا ڪو پوڙهو لاوارث پيرسن، پنهنجن جو ڦٽي ڪيل (Dis-own ٿيل) پراڻي مرض ۾ وڪوڙيل اپوجهه ماڻهو هُجي.

**انهن جو ڇا ڪجي؟**

| | |
|---|---|
| پيار، محبت، سونهن | اگهاڙا ٻار |
| عيش، آرام، آسائشون | آهن |
| آهن | سڀ حقيقتون |
| سڀ نعمتون | تنهنجي خوبصورتي ۽ وفا |
| مسڪيني، غريبي، ناداري | حُسن ۽ چاهت |
| بک، بدحالي، بيروزگاري | آهن پُرڪشش |
| آهن | پر |
| سڀ مصيبتون | منهنجا دلبر سائين |
| هڏاوان پچرا | هڏاوان پچرا |
| بي علاج بيمار | تن اگهاڙا ٻار |
| اگهاڙا ٻار | نِٻل مائرون |
| آهن | ۽ |
| سڀ مصيبتون | بِنا عِلاج بيمار |
| هڏاوان پچرا | اِنهن جو ڇا ڪجي؟ |
| بي علاج بيمار | |

*(اڪثريون ڏيلامن گهايل ص:46)*

شاعر، موسيقار، مصور، ڊاڪٽر انجيئر، استاد ۽ عالم مطلب ته زندگيءَ جي هر شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ عوامي ڀلائيءَ واري سوچ رکندڙ شامل آهن. پر عام ماڻهن توڙي هن ساڳئي ئي سماج مان ڪي ڪريائيندڙ ڪردار اهڙا به اڀرن ٿا، جن جي ذڪر تي شاعر توڙي اديب جو قلم رڪجي وڃي ٿو، مصور کان برش وسري وڃي ٿو، ڊاڪٽر گنگ ٿي وڃي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هرذي شعور ماڻهوءَ جو ذهن سوچڻ وساري ويهي ٿو. اهو معاشري جو ناسور آهي جنسي هوس پرستي. اهو مرض سماج ۾ هڪ

روڳ وانگر آهي، جنهن جو علاج ڪنهن بہ مسيحا وٽ يا اسپتال ۾ ناهي اهو مرض پاليندڙ ٻن ٽنگن تي هلندڙ وحشي جانور آهن، جن کي ماڻهو يا انسان چوڻ ماڻهپي ۽ انسانيت جي توهين آهي. سندن ڪڌن ڪرتوتن تي هوءَ ئي دنيا کين ننديو ٿي پر جڏهن سندن شڪار معصوم ابهم نياڻيون بڻجن ٿيون، تڏهن ڪائنات بہ لرزي وڃي ٿي. مرلي ڏر هڪ اهڙي دردناڪ واقعي کي تمام مختصر پر هيانو جهوريندڙ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. ٻارڙين سان لڄالٽ وارا واقعا اڪثر ٻُڌڻ ۾ ايندا آهن. جنهن واقعي جي پس منظر ۾ مُرلي ڏر جي شاعري هيٺ پيش ڪجي ٿي، اُهو ايترو تہ دردناڪ هو جو اُن جي بيان لاءِ ڪنهن بہ انسان ۽ اهل قلم وٽ لفظ نہ هوندا. بس رڳو هڪ گنگ ٿي ويل زبان ۽ ذهن تي اِهي سُوال اُڀرن ٿا تہ ڇا اِنسان ايترو رذيل بہ ٿي سگهي ٿو؟ ڇا شيطانيت جي ٻي ڪا وصف هوندي؟ ۽ اهو تہ اهي هڪ بہ نہ، ٻہ بہ نہ پُورا چار ماڻهو پنهنجين نياڻين سان اڪيون ملائي ڪيئن ڳالهائيندا هُوندا يا انهن نياڻيءَ کي ڏيءَ جهڙي ٻاجهاري رُوپ ۾ ڪڏهن نہ ڏٺو هوندو؟

حاڪم

| | | |
|---|---|---|
| منزل | چاهت | معصوم |
| محبت | پيار | ننڍڙي |
| تون | ۽ | نازڪ |
| ۽ مان | تون | ۽ هُوچار |
| | | |
| واسينگ | قتل | حاڪم |
| رهزن | چوريون | ٻوڙا |
| قورو | ڏاڙا | گُونگا |
| ۽ هُوءَ | ۽ | ۽ لاچار |
| خوبصورتي | خودڪشي | |

*(اڪثريون ڏيلا من گهايل-ص: 70-71)*

آزادي انسان جو بنيادي حق آهي، ڪائڻ پيئڻ ۽ پائڻ اوڍڻ کان وٺي زندگي گذارڻ جو انداز چونڊڻ جي آزادي، معاشري ۾ بناروڪ ٽوڪ جي هلڻ گهمڻ جي آزادي، پنهنجي راءِ جي اظهار ڪرڻ جي آزادي وغيره وغيره. اهي سڀ آزاديون هڪ عام انسان جي بنيادي گهرجن ۾ شامل ٿين ٿيون. جيتوڻيڪ اڄ جو انسان اهي سڀ آزاديون ملڻ جي باوجود ڪن مشڪلاتن ۾ پڻ قيد آهي. ڪائڻ پيئڻ پائڻ اوڍڻ لاءِ هو آزاد تہ آهي، پر اهي وسيلا ڪٿان آڻي جو ان آزاديءَ جو سرور محسوس ڪري سگهي؟ معاشري ۾ اٿڻ ويهڻ جي آزاديءَ آهي پر هڪ غريب ماڻهو مٿن مائٽن سان

ملڻ جي خواهش ڪرڻ کان اڳ ۾ سفري خرچ لاءِ پاڙي ڪرائي جو حساب ڪري، جڏهن ڪاٿو ڪري ٿو تہ معاشي مسئلن جي ڄار ۾ ڦيٽيل پائرن مٿن مائٽن جي محبت بہ وسري وڃيس ٿي، شخصي طور تي آزاد انسان معاشي مسئلن ۽ سماجي مشڪلاتن ۾ قيد آهي، جيڪي ڪيس ذهني طور ويڳاڻو ۽ نستو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. اهڙي وقت ۾ انهن حالتن ۾ انسان رڳو پنهنجي حوصلي جي ٻل تي ئي هلي سگهي ٿو. معاشي مسئلن کي پنهنجي محنت، مسلسل جاکوڙ ۾ اعتماد سان ئي منهن ڏئي سگهي ٿو. ٻين جي سُکن، سهولتن کي ڏسي هيانءُ هارڻ بدران پنهنجي سادي سودي زندگيءَ کي خوداعتماديءَ سان گذاري سڪون سان رهي سگهي ٿو. اهوئي فڪر آهي جيڪو مرلي ڏر جي هن نظم مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مشڪلاتن ۾ پاڻ کي قيد سمجهڻ بدران پنهنجي ذهني وسيع النظريءَ سان اڳتي وڌو، مسئلن جو شڪار بڻجي وڃڻ بدران مسئلن کي منهن ڏيڻ جو حوصلو ڏاريو ۽ پنهنجي شعوري قوت کي استعمال ڪري پنهنجي حقن جي آگاهي رکو تہ اوهين آزاد آهيو. هيءُ نئون دور آهي پراڻين فرسوده طريقن ۾ ماڻهو رڳو حاڪمن جو غلام نہ هو پر هاريءَ مزدور ۽ ڪارندي جي حيثيت ۾ بہ غلام سمجهيو ويندو هو يعني انسان انسان وٽ قيد هو. ان جي ڀيٽ ۾ اڄ جو هاري ۽ مزدور پنهنجا حق چڱيءَ طرح سمجهي بہ ٿو تہ انهن جي حاصلات جو شعور بہ رکي ٿو. نئين دور جي انسان وٽ انسان جو غلام ٿي رهڻ وارو تصور گهٽ ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو انسان ان شعور جو مالڪ آهي اهوئي حقيقت ۾ آزاد آهي.

**آزاد انسان**

| | |
|---|---|
| ڪوپا چاڙهي | سرمائيدار جي ڪارخاني تي |
| ڪوهہ جي گِرد ڦرندڙ | ڏينهن رات ڪم ڪندڙ |
| ڏاند ناهيان | مزدور ناهيان |
| جهازن جا چپو هلائيندڙ | مان دُنيا کان |
| غلام ناهيان | ويرا اڳ ورتل |
| شادي پرڻايل | مان پنهنجي مسئلن |
| ڪنوار ناهيان | ۽ حقن کان باخبر |
| وڏيري جي زمين تي | آزاد انسان آهيان |
| خاندان سوڌو خريديل | |
| هاري ناهيان | |

*(اڪڙيون ڏيلا من گهايل-ص: 75)*

سنڌ صدين کان وٺي ڏاڍ ۽ هڪاءَ جو شڪار رهي آهي، خليفي نبي بخش جي ڪيڏاري کان وٺي سنڌ جي تقريباً هر شاعر جي ڪلام ۾ مزاحمت وارو عنصر شامل آهي. ڪو دور هو جڏهن وڏي کان وڏو اٿوندڙ واقعو ٿيندو هو پر ڪن ٻاہر بہ نہ پوندي

هئي يا ميڊيا وسيلي صحيح انداز ۾ ماڻهن تائين ان جون حقيقتون نہ پهچي سگهنديون هيون. پر هيءُ سوشل ميڊيا جو دور آهي ۽ خاص طور تي نوجوان طبقو دنيا سان ڳانڍاپو رکندڙ آهي ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ تبديليءَ جي خبر چند منٽن ۾ ڦهلجي وڃي ٿي. سنڌ جو نوجوان ان جاڻ کان بہ آگاهہ آهي تہ دنيا جي رد عمل کان بہ واقف آهي، اهڙي ڪليل ماحول ۾ هو پنهنجيءَ راءِ جو اظهار بہ ڪري ٿو ۽ ڪليل مزاحمت بہ ڪري ٿو. مذهبي انتهاپسنديءَ جي آڙ ۾ يونيورسٽين جي شاگردن جو قتل هجي يا ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪنهن غريب سان زيادتي ٿيندي هجي. سوشل ميڊيا وسيلي نہ رڳو مزاحمت ٿئي ٿي بلڪ ان جي اثر ڪري ڪيترائي مسئلا حل بہ ٿي وڃن ٿا. 18هين آڪٽوبر ڪار ساز وارو سانحو، بلديہ ڪراچيءَ وارو سانحو، 12 ربيع الاول وارو ايم اي جناح روڊ تي ٿيندڙ دهشتگرديءَ وارو سانحو، ڪاري در ۽ بولٽن مارڪيٽ ڪراچيءَ ويجهو ٿيل دهشتگرديءَ وارو واقعو جنهن ۾ غزالا بتول صديقيءَ جي شهادت ٿي. اهي ۽ اهڙا ڪيترائي ٻيا ڪليل دهشتگرديءَ وارا واقعا آهن، جن تي اڄوڪو نوجوان شاعر قلم کڻڻ پنهنجو فرض سمجهي ٿو. هو قلم جي طاقت سان ان وحشت خلاف مزاحمت جو اعلان ڪري انسانيت جي دشمنن کي للڪاري بہ ٿو تہ پنهنجيءَ پڪار سان سندن ستل ضمير کي جاڳائڻ جي ڪوشش پڻ ڪري ٿو.

مرلي ڏر هڪ مسيحا آهي. مزاحمت ۽ مسيحائي بہ جُدا جُدا تصور آهن پر سماج ۾ ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ناانصافيءَ تي ڪو بہ باشعور انسان مزاحمت کان پاڻ کي روڪي نہ ٿو سگهي ڇاڪاڻ تہ اُهو شعور ئي آهي، جيڪو غلط کي صحيح چوڻ کان روڪي ٿو: غلط کي غلط چوڻ جي سگهہ ڏئي ٿو ۽ غلطيءَ جي وَرجاءَ تي مزاحمت ڪري ٿو. مرلي ڏر جو هڪ نظم ڏجي ٿو جيڪو هُن 18هين آڪٽوبر 2007ع تي پيش آيل ڪار ساز واري سانحي جي پس منظر ۾ لکيو آهي:

### بم بارود

بم بارود جون اکيون ناهن
هي جيڪو تون رت ڏسين ٿو
ڪنهن معصوم جو هٿ ڏسين ٿو
ڇئي سگهين ٿو ڪنهن جو آهي؟
اُپ ڏاريندڙ دانهن ٻُڌين ٿو
ڇئي سگهين ٿو ڪنهن جي آهي؟
ڇچريل ڇهرا، وَڍيل ٽنگون
ڏڙ جسم کان ڏار ڏسين ٿو
ڇئي سگهين ٿو ڪنهن جو آهي؟

ماءُ رڙي ٿي، پار ڪڍي ٿي
نينگر پنهنجي لاءِ ڳري ٿي
ڇئي سگهين ٿو ڏوهہ امڙ جو ڪهڙو آهي؟
مذهب نالي پاپ ڪرين ٿو
ٻي ڏوهين سان ڪِيس ڪرين ٿو
ڇئي سگهين ٿو اِهو مذهب ڪهڙو آهي؟
بم بارودن کي اکيون ناهن
بارودن جو دين نہ ڪوئي
۽ نہ آهي مذهب ڪوئي!

(اڻ ڇپيل ڊائريءَ تان ورتل)

دهشتگريءَ جا اهي واقعا روز مرهہ جو معمول بڻجي ويا آهن. عام طور تي تہ ماڻهو اخبار يا ٽيليويزن تي خبر ٻُڌي وري پنهنجي وهنوار ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا پر انهن اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ۽ ٻين ڪم ڪندڙ عملي جي ذهني ڪيفيت ڪهڙي ٿئي ٿي، جيڪي روزاني شيڊيول ۾ Gunshot توڙي ٻورين ۾ بند ۽ هر طرح جي اڌ جيئرن ۽ زندگي وڃائيندڙ معصوم جانين جي چڪاس ڪندا رهن ٿا؟ اِهي بہ تہ اِنسان آهن. اِنهن روئندڙ، جهڄندڙ چهرن کي ڏسي ڇا سندن اندر اُڌما نہ ڪائيندو هوندو؟ بلڪل انهن کي احساس ٿيندو هوندو. ان احساس جي هڪ جهلڪ مُرلي ڌر جي هن نظم ۾ نظر اچي ٿي.

وائٽڙا، ڊنل ماڻهو
وڏوائن جي وَرلاپ جهڙيون
دانهون ڪندڙ
ٻاڙهين ٻتين واريون
ايمبولنس گاڏيون
هينئڙو ڏارڻ ۾ مصروف
وائٽڙا، ڊنل ماڻهو
پنهنجي جگر ٽُڪرن
جي ٻولا ۾
مُردي گهر جا چڪر لڳائيندي

ڦهري شام جي ياد ڏياري رهيا هئا
جنهن شام ماڻهن جا مُڙهہ
مُنڍيون، ٻانهون ۽ ڌَڙ
رستي تي ائين وِڪريل هُئا
ڄڻ ڪو موت جو راڪاس
پنهنجي بدنما صورت ڪڍي
جيئري جاڳندي وستيءَ کي
اونداهيءَ ڏانهن ڌِڪي
ٽهڪڙا لڳائيندو هجي
انسانيت کي شرمائيندو هجي

*(اڻ ڇپيل ڊائريءَ تان ورتل)*

مطالعي سان چاهہ رکندڙن جيڪڏهن 80 واري ڏهاڪي وارا ميگزين پڙهيا هوندا خاص طور تي ڊاڪٽرن تعليم حاصل ڪرڻ دور وارن پڙهيا هوندا. اهڙن شاگردن کي ڏياري ميگزين ضرور ياد هوندو. اهو ميگزين 1983ع ڌاري مرلي ڌر پنهنجن ساٿين سان گڏجي شروع ڪيو، جنهن ۾ خاص طور تي رامائڻ، رامچندر ۽ ڏياريءَ جي ذڪر سان گڏ ٻيا مضمون، شاعري ۽ ڪهاڻيون وغيره بہ شامل هونديون هيون. مرلي ڌر ان ميگزين جو هڪ ڇاپو سوشل ميڊيا تي پڻ ونڊيو (Share ڪيو) آهي. ان آڳاٽي ميگزين کي مرلي ڌر جي فيس بڪ تي ڏسي/پڙهي سگهجي ٿو، مون جڏهن اهو ميگزين ڏٺو تہ ان ۾ ان وقت جي ڪيترن ئي مسلمان نوجوان شاعرن مثلاً ملڪ نديم، ڊاڪٽر اسلم سنديلي، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال وغيره جي شاعري شامل هئي ۽ خاص طور تي ملڪ نديم جي شاعري ڏياريءَ متعلق هئي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌ جو نوجوان شاعر ڪالهہ بہ ۽ اڄ بہ مذهبي رواداريءَ جو امين هو/ آهي بلڪ جيئن تہ سنڌ صوفين جي سرزمين رهي آهي ان ڪري ان جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ

هر باشعور ماڻھو مذهبي انتهاپسنديءَ ۽ مذهبي مت ڀيد/فرق جي نندا ڪري ٿو.

تازو ڏياريءَ جي موقعي تي مرلي ڌر ان ميگزين مان چونڊيل مضمونن ۽ ڪجھ ٻين مضمونن جي واڌاري سان هڪ ڪتاب ”ڏياري“ ترتيب ڏنو آهي، جيڪو هڪ پاسي آڳاٽي ميگزين جي ياد تازي ڪرائي ٿو ته ٻئي پاسي اُن موضوع تي معلومات به مهيا ڪري ٿو. هولي ۽ ڏياري هندو ڌرم جي خوشيءَ جا ڏڻ آهن. پر جڏهن چئني پاسن کان دهشت ڦهليل هجي ته عيد هجي، هولي هجي يا ڏياري عوام انهن تهوارن جي اصل خوشيءَ جو سرور حاصل ڪري نه ٿو سگهي.

اسان پنهنجي ننڍپڻ ۾ اهي تهوار جنهن جوش ۽ جذبي سان ملهايا ۽ جهڙيءَ طرح بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ، ٻڌيءَ فڪر جي عيدن ۽ تهوارن جون تياريون ٿينديون هيون، اهو جوش ۽ بيڊپائيءَ وارو احساس هينئر نه ٿو ملي! جديد دور ۾ جيترو انسان ميڊيائي ٻڌاڀي سان جڙي ويو آهي اوترو روايتي تهوارن جو جوش ۽ جذبو جهڪو ٿيندو پيو وڃي. وڏا ته وڏا آهن پر ٻارن ۾ به دهشت، ويڳاڻپ ۽ خوف پرجي ويو آهي.

هوليءَ جو ڏڻ گيتن، رنگن ۽ خوشين جو هوندو آهي. هِن شاعر کي سماج ۾ اڻ کُٽندڙ مسئلن، بُک، بيروزگاريءَ، بيماريءَ، نينگرين جي لڄا لُٽ ۽ ٻين واقعن کي ڏسي اِهو خوشيءَ ۽ رَنگن جو ڏڻ ڦِڪو محسوس ٿئي ٿو.

### ڪھڙي ڪجي هولي

ڪھڙي ڪجي هولي
ڪھڙي ڏياري
لُٽجن ٿيون هر روز لَڄُون
۽ بي وس آناري
هرٽاڪش جو راڄ آ
پرجا ٿي ڪُرلائي
روز ڊهن ٿيون شيوا مَندليون
راجا حڪم هلائي
ڪھڙي ڪجي هولي
بُک، بيروزگاري ۽ بيماري
آپگهات ڪرائي
راوڻ روز هٽي راتاها

ڪارو ڪاري، زمينداري
بيگار ڪيمپون ٺيڪيداري
ٻارين ٻچين هاري ناري
وڏيرو قيد ڪرائي
سيتا قيد ڪرائي
ڪھڙي ڪجي هولي
ڪھڙي ڪجي هولي
عضوا وڪڻي قرض ٿو لاهي
ڪُڙمي پنهنجي عمر وِڃائي
پوءِ به پيٽ پٽيءَ ٿو لائي
روٽي ٽُڪر لاءِ واجهائي
ڪھڙي ڪجي هولي
ڪھڙي ڏياري

*(اکڙيون ڏيلا من گهايل-ص: 69)*

قربانيءَ جو جذبو ڪنهن به انسان جي هڪ لازوال فطري خوبي آهي. پر ان جو مثبت تاثير صرف تڏهن ڪارگر آهي جڏهن اها ڪنهن عظيم مقصد لاءِ ڏني وڃي ۽

ان قربانيءَ مان ٻين کي ڪو سبق ياLاپ حاصل ٿئي. مختلف مذهبن ۾ قربانيءَ جون مختلف صورتون هونديون آهن. جيئن مسلمانن ۾ صدقو ۽ هندن ۾ ٻَلي وغيره. مسلمانن ۾ تہ صدقو رڳو جانورن خاص طور تي ٻڪرن، ڪڪڙن وغيره جو يا استعمال ۾ ايندڙ شين، ڪاڏي پيتي جي وڪرن وغيره جو ٿئي ٿو پر هندو مذهب توڙي ٻين مذهبن ۾ ماضيءَ ۾ انسانن کي بہ ٻَليءَ چاڙهيو ويندو هو. وقت گذرڻ سان توڙي جو انهن رواجن کي پُنجو اچي ويو آهي. پر اڄ بہ ڪٿي ڪٿي اهڙا واقعا ٿيندي نظر اچن ٿا، جڏهن تہ ڪاري ٻڪر جو ڪاري ڪڪڙ جو صدقو پنهنجيءَ جان تان گهوري، ڪاڏي ۽ ڪپڙي وغيره جو صدقو اڄ بہ اسان جي سماج ۾ عام آهن. ٻيو تہ ٺهيو پر ڪن غير سرڪاري تنظيمن پڻ ماڻهن جي ان عقيدي مان فائدو حاصل ڪري سماجي ڪم ڪرڻ شروع ڪيا آهن. شهرن ۾مختلف قيمتن تي صدقي جي ٻڪر جا ريٽ ٻڌائيندڙ بورڊ لڳل ملن ٿا، جن ذريعي مختلف تنظيمون ماڻهن کان صدقي لاءِ پئسا وٺي اسپتالن جي مريضن، راهہ ويندڙ مسافرن، غريب ماڻهن ۽ گداگرن کي ان مان ڪاڏو ڪارائڻ ڪانسواءِ ٻيا خير جا ڪم بہ ڪن ٿيون. ماڻهن کي ڪاڏو ڪارائڻ ۽ خير جا ڪم تہ هوئن بہ صدين کان وٺي سُڪيا ستابا ماڻهو ڪندا هئا ۽ هاڻي بہ ڪن ٿا، پر هن طريقي سان عام ماڻهن ۾ صدقي ذريعي خيرات ڪرڻ واريءَ سوچ کي هٿي ملي ٿي. ان عمل تي مرلي ڏر جو هي نظم ڪجهہ منفرد آهي.

هو هندو ڌرم ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ وارين مڙني رسمن کي ننديو ٿو. ڪاري ٻڪر جو صدقو مسلمانن ۾ ۽ هندن ۾ ٻَليدان جي صورت ۾ هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن سان انساني صحت جو، خوشحاليءَ جو يا ڪنهن مشڪل ٽرڻ جو ڪو بہ واسطو ناهي، پوءِ بہ اِهو سماج ۾ گهڻو عام آهي. مرلي ڏر اِن لاءِ چوي ٿو:

**ٻليدان**

ڪاري ٻڪر
جي ٻَليءَ سان
جيڪڏهن
ڪنهن بيمار جا
ڪشٽ ڪٽجن ٿا
تہ پوءِ
هر روز
هزارين جانورن
جي ذبح ٿيڻ سان
هُوند
پوري دنيا
جا روڳي
چاڪ ٿي
پون ها
اهو ڪهڙي ٻوتيءَ
جو آهي فرمان
تہ هڪ ساهہ وٺڻ سان
ٻَليءَ ڪرڻ سان
ٻيو ساهہ بچندو
ڪشٽ ڪٽجندو

*(اڪڙيون ڏيلا من گهايل-ص: 48)*

مرلي ڏر جو لاڳاپو ڪابيءَ ڏر سان رهيو آهي. ڪابيءَ ڏر جي وڏي پارٽي ڪميونسٽ پارٽي هئي. ان پليٽ فارم ۾ ڇا صحيح هو ڇا غلط هو ان ڊيگهه ۾ وڃڻ بدران هڪ حقيقت پڌري پٽ آهي ته اهي سچا نظرياتي ماڻهو جيڪي ان پليٽ فارم تي ان نظرئي جي اصل روح کي سمجهندڙ هئا، سي اڄ به ان پارٽيءَ جي جهنڊي يا تنظيمي ڍانچي جا محتاج نه آهن. هو ڪميونزم جي فڪر کي اڄ به سمجهن ٿا ۽ انسانيت جي خدمت واري جذبي سان اڄ به بي لوث ٿي پنهنجي پنهنجي حصي جو چڱو ڪم ڪن ٿا. شهيد نذير عباسي به ان سفر جو پانڌيئڙو هو. جيڪو پنهنجي نظرئي تي اڏول بڻجي بيٺو رهيو. آخري وقت تائين پنهنجي اصول جو سودو نه ڪيائين. سندس ساٿي اڄ به سندس مشعل کي وسامڻ نه ٿا ڏين. مرلي ڏر شهيد نذير عباسيءَ کي هن ريت پيڻا پيش ڪري ٿو:

**امر ٿي ويو!**

هو وڙهندو رهيو
آرڏو انسان
مات نه مڃيائين،
هُن جا آدرش
اُونچا هئا
جيبل جيان.
هن جي سوچ
سُندر هئي
روشن صبح جيان.
هن جو حوصلو
بلند هيو

هماليا جيان.
هن جا خواب
پوتر هيا
ڌرتيءَ ماءُ جيان.
هو وڙهندو رهيو
مات نه مڃيائين
جوڌو انسان
وڙهندي وڙهندي
شهيد ٿي ويو
امر ٿي ويو

*(اکڙيون ڏيلامن گهايل-ص64)*

ڪو وقت هو جو هو دنيا ۾ مزورن جي ڪم لاءِ وقت يا اُجوري جو مناسب تعين نه هو ۽ مزدورن کان غلامن وانگر ڪم ورتو ويندو هو. پهرين مئي 1876ع تي شڪاگو جي مزدورن پورهيتن سان ٿيندڙ ڏاڍ ۽ جبري اضافي ڪم خلاف احتجاج ڪيو. ان احتجاج دوران 6 مزدورن کي ٿڏي تي قتل ڪيو ويو. ان جي نتيجي ۾ سموريءَ دنيا جا مزدور احتجاج ۾ شامل ٿي ويا ۽ هڪ وڏي احتجاجي تحريڪ اُڀري، اِن تحريڪ بين الاقوامي طور تي مزدورن لاءِ قانونن جوڙائڻ تي دَنگ ڪيو. اِن طرح سموريءَ دنيا ۾ International Labour Reforms آيا ۽ اُنهن لاءِ بين الاقوامي قانون (International Laws) جُڙيا، جن تحت مزدورن جي ڪم جو مُدو روزانو 8 ڪلاڪ طئه ٿيو ۽ اضافي وقت ۾ ڪم لاءِ اضافي اُجرت جو قانون جنهن کي اوور ٽائيم چيو وڃي ٿو سو مقرر ٿيو.

پهرين مئي تي سموريءَ دنيا ۾ مزدورن جو عالمي ڏينهن ملهائي شڪاگو جي شهيدن سان عقيدت جو اظهار ڪندي سندن قربانيءَ کي ياد ڪيو ويندو آهي. مرلي ڏر مزدورن/پورهيتن لاءِ عقيدت جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

**پهرين مئي**

| | |
|---|---|
| غربت جي لڪير | بيمار، لاچار، بيوس پار |
| ٽپي پار پوڻ | اُنهن جي صحت ورائڻ |
| جي خواهش | جي اُڪير |
| روٽي ڳپيو کائي | جي آشا |
| پيٽ جو دوزخ پرڻ | نابرابريءَ واري سماج جي خاتمي |
| جي تمنا | جي اُڻ تُڻ |
| اُگهاري ننرايل تن جي | اِهو سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ جي جدوجهد |
| اوگهڙ ڍڪڻ | پهرين مئي پهرين مئي |

*(اڪثريون ڏيلا من گهايل-ص:72)*

مزودر، هاري ۽ پورهيت هڪ ئي طبقي وارا محنت ڪش هوندا آهن. مزدورن لاءِ ته بين الاقوامي قانون جڙيا چاڪاڻ جو سموريءَ دُنيا ۾ ڪارخانن ۾ سرمائيداريءَ جو سسٽم موجود آهي پر ڪيترائي ملڪ اهڙا به آهن، جتي زراعت نه ٿي ٿئي. هاريءَ کي حق ڏيندڙ رياست جو ئي قانون هجي ٿو. اسان جي سماج ۾ رياست جي حڪمرانيءَ تائين وڏيري، زميندار جي پهچ آهي. اِن ڪري هاري بي پهچ ۽ زميندار جي رحم ڪرم تي هوندو آهي. سنڌ ۾ هاريءَ جي حقن لاءِ به تحريڪون هليون پر هر تحريڪ صدين تائين قائم نه هوندي آهي. توڙي جو انهن تحريڪن جي اثرن ڪري هاري ڪنهن حد تائين سُجاڳ به ٿيو آهي پر ان جي باوجود هُو زميندار جي ڏاڍ کان بچيل نه ٿو رهي. هاريءَ جي سُجاڳيءَ جي خواهش هر دردمند ۽ ساڃهه وند اِنسان ڪري ٿو جن ۾ شاعر به شامل آهن. هيٺ مُرلي ڏر جي هاريءَ جي سُجاڳيءَ جي اُميد پيش ڪجي ٿي.

**ڪڏهن ٿيندو هاري سجاڳ**

| | |
|---|---|
| ڪڏهن ٿيندو هاري سُجاڳ | ڪڏهن بدلبي دُنيا جي چال |
| ڪڏهن مِٽندو زمينداري راڄ | ڪڏهن هاري سُک سان سمهندو |
| ڪڏهن ٿيندو هٽ سوجهارو | ڪڏهن پورو پيٽ ڀريندو |
| ڪڏهن مِٽجندو گهُور انڌارو | ڪڏهن ٿيندو مظلومن جو راڄ |
| ڪڏهن غريب ٿيندو خوشحال | ڪڏهن ٿيندو هاري سجاڳ |

*(اڪثريون ڏيلا من گهايل-ص:23)*

شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ عورتن کي سورمين جي صورت ۾ پنهنجي سماج ۽ قوم جي علامت بڻايو آهي. جهڙيءَ ريت عورت ان دور ۾ مظلوم ۽ محڪوم طبقو هئي، ساڳيءَ طرح سنڌ جو عوام به سياسي ۽ سماجي لحاظ کان مظلوم ۽ محڪوم هو. پر هن ڌرتيءَ جي عوام ۾ اهي سڀ قدر (Values) ۽ خوبيون ان وقت به موجود رهيون ۽ اڄ به آهن جن کي شاهه سورمين جي صورت ۾ ظاهر ڪيو آهي يعني حب الوطني، ثابت قدمي، جدوجهد، حوصلو، عزم، دانشمندي وغيره. شاهه جي ان روايت کي سنڌ جي ٻين سمورن شاعرن به قائم رکيو آهي ۽ علامتي توڙي حقيقي انداز ۾ عورت جي عظمت کي ضرور بيان ڪيو آهي. مرلي ڌر سنڌ جي عورت کي پنهنجي نثريڻ وارن سماجي ڪمن دوران عملي طور سگهڙ ۽ سيبتي عورت واري ڪردار ۾ ڏٺو. سندس نظر ۾ عورت ساڃهه وند به آهي ته بهادر، جفاڪش، ارڏي ۽ اڏول به آهي. پل هوءَ ڌرتيءَ جي ڪهڙي به ڪري سان واسطو رکندڙ هجي.

**عورت ۽ عقل**

چوندا آهن
ته عورت جو عقل
پير جي کُڙيءَ ۾
هوندو آهي
ته پوءِ ڇا
مائي بختاور
موتيا چوڌري
ليلا خالد
جميلا بُوپاشا
زويا اناطوليا
نِگوئن ٿي چائو
اِهي سڀ
عورتون ناهن؟

*(اکٽريون ڏيلا من گهايل-ص: 26)*

عورت انهن مڙني خاصيتن جي باوجود سماجي مسئلن کي ڀوڳي ٿي. سنڌ جي عورت صحت جي معاملي ۾ انتهائي حد تائين نظر انداز ٿيل آهي. تر ۾ ٻارڙن جي موت جي وڌندڙ انگن اکرن جي پويان هڪ حقيقت اها به آهي ته اتان جون مائرون ايتريون صحتمند آهن ئي نه، جو هو صحتمند ٻارن کي جنم ڏئي سگهن. خوراڪ جي کوٽ جو شڪار ٻار رڳو پيدا ٿيڻ کانپوءِ نه ٿو ٿئي بلڪ ماءُ جي پيٽ اندرئي ڪيس غذا نه ٿي ملي، ڇو ته حقيقت ۾ ماءُ خوراڪ جي کوٽ جو شڪار آهي. خاص طور تي اهي ڇوڪريون جيڪي تمام ڪچڙيءَ وهيءَ ۾ پرڻايون وڃن ٿيون ۽ ڪنهن ڊور ڏڳي وانگر يا ٻارن ڄڻڻ جون مشينون سمجهيون وڃن ٿيون. هڪ ڊاڪٽر جڏهن اهڙين عورتن کي پنهنجي اکين سان موت جو ڪاچ ٿيندي ڏسي ٿو ته سندس احساس ڪهڙا هوندا؟ ان جي هڪ جهلڪ مرلي ڌر جي هن نظم ۾ ڏسي سگهجي ٿي:

**عورتن جو عالمي ڏينهن ۽ صحت سماچار**

گردي جي مريض
ٻار ڄڻيندي
آسُن ۽ اُميدن
جي درياهہ ۾ غوطا کائيندي
گُردا وڃائي ويٺي
گُردو بدلجي ويو
آسون ۽ اُميدون
اٽڪيون ئي رهيون

پُٽ جائو مري ويو
دستن وِگهي ٿر جي صحرا ۾
چڪڙو اڄ نہ ايندو
ٻار اسپتال نہ پهچي سگهيو
ٿر جائي مصيبتن ماري
اَياڻي ٿي رهجي وئي
عورتن جو عالمي ڏينهن
۽ صحت سماچار

*(اڪڙيون ڏيلا من گهايل-ص: 89)*

هڪ پاسي ٻار پيدا ڪرڻ عورتن لاءِ مسئلو آهي تہ ٻئي پاسي ٻار پيدا نہ ڪرڻ وري پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ وڏو مسئلو پڻ آهي. اهڙيءَ عورت کي سماج ۾ مختلف نالن سان پڪاريو ويندو آهي، جنهن ۾ ري اولادڻ، اياڻي ۽ سنڍ وغيره. توڙي جو ميڊيڪل سائنس اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ اها خامي رڳو عورت ۾ نہ پر گهڻي قدر مرد ۾ هوندي آهي پر ان جي باوجود پڙهيل ڳڙهيل ۽ سلجهيل خاندانن ۾ بہ عورتون اولاد نہ هجڻ تي طعنا ٻڌڻ کان بچي نہ سگهنديون آهن. مرلي ڏر ان معاملي تي پنهنجي لکڻين وسيلي آگاهي ڏني آهي ۽ واضح ڪري ٻڌايو آهي تہ سنڍ رڳو عورت نہ ٿيندي آهي بلڪ مرد بہ سنڍ ٿيندا آهن. هُن ان سلسلي ۾ مردن لاءِ مختصر پر جامع معلومات احتياطي تدبيرون، صلاحون ۽ مشورا پڻ ڏنا آهن، سندس هيءَ مختصر نظم بہ ان ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي سمجهي سگهجي ٿو:

**سَنڍ**

اکين ۾ پاڻي
ڇهري تي اُپاٽڪائي
اُداس من
هوءَ بي اولاد جو هئي
پڇيم: چڪاس ڪرايئہ؟
جواب ڏنائين: ها!

صلاح ڏنم:
زال ۽ مڙس ٻئي ڪرايو!
وراڻيائين: مڙس تيار ڪونهي!
سوچيم!
ڇا؟
مرد سَنڍ ناهن ٿيندا؟

*(اڪڙيون ڏيلا من گهايل-ص: 87)*

مٿين مثالن کان علاوه مرلي ڌر جي شاعريءَ توڙي نثر ۾ ڏکويل ۽ سڏ ڪندڙ ابوجهہ ۽ جسماني طور بيمار طبقي جا مسئلا ۽ موضوع مختصر پُر انتهائي پر اثر انداز ۾ بيان ڪيل آهن. سرڪاري اسپتالن جا حال ڪنهن کان ڳجها ناهن. ڪيئن سهولتن جي اڻاٺ ۽ ميڊيڪل توڙي پيرا ميڊيڪل عملي پاران ڇڙٻن ۽ اٺوندڙ روين

ڪي ماٺهو برداشت ڪرڻ لاءِ مجبور هوندا آهن. ڪيئن ڏورانهن ڳوٺن کان علاج لاءِ ايندڙ ماڻهو روڊ. تي ٻارين ٻچين رليون وڇائي ويٺا هوندا آهن ۽ ڪيئن عورتن لاءِ چادر ۽ چار ديواريءَ وارا تصور پنهنجو منهن ڪُنڊن پاسن ۾ لڪائيندا نظرايندا آهن؟ ڪيئن پئسا ڦرايل تيماردار انتهائي سستيءَ دوا لاءِ فارماسسٽ کي منٿون ايلاز ڪندي ۽ سرڪاري اسپتالن مان مفت ۾ ملندڙ دوائن واري ڊگهيءَ قطار ۾ اڌ اڌ ڏينهن بيهي گذارڻ ڪانپوءِ بنا دوا جي نااميديءَ ۽ نراسائيءَ واريءَ ڪيفيت ۾ پنهنجن پيارن کي تڙپندو ڏسڻ لاءِ لاچار مجبور هوندا آهن؟ ڪيئن هڪ سڄاڻ ليڪڪ ارشاد گلاباٽي اسپتال جي پروٽوڪول مطابق ننڍڙن ٻارن جي اسپتال ۾ اچڻ تي پابنديءَ ڪي مان ڏيندي پنهنجي ننڍڙي ٻار کي اڪئين ڏسڻ بنا هن دنيا مان موڪلائي وڃي ٿو؟ اهي ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا چرڪائيندڙ موضوع آهن جيڪي مرلي ڌر جي قلم مان دوائن جي نسخي وارن ننڍڙن پنن تي دوائن جي مختصر نالن وانگر مختصر لفظن ۾ اڪريل آهن جيڪي سندس انسان دوست، هڏ ڏوڪي ۽ هڪ حساس شاعر واريءَ شخصيت کي ظاهر ڪن ٿا.

حوالا:


1. مرلي ڌر، اکڙيون ڏيلا من گهايل - مارئي پبليڪيشن ڪراچي - 2010ع
2. ڊاڪٽر مرلي ڌر سان مختلف وقتن تي ٿيل ڳالهه ٻولهه
3. ليکڪا ۽ ڪميونسٽ ليڊر حميده گهانگهرو سان ڳالهه ٻولهه
4. ڊاڪٽر ڪمال جامڙي سان ڳالهه ٻولهه
5. مرلي ڌر، ٽين دنيا جا سور - پيڪاڪ پبلشرس، آگسٽ 2016ع
6. مرلي ڌر (مرتب)، ”ڏياري“ ، مهين جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو - 2017ع
7. ڊاڪٽر مرلي ڌر جو Facebook
8. صحت سيني لاءِ آن لائين.
9. ويب سائيٽ www.britinica.com